# ايلاف

# سنڌي درسي ڪتاب

## پهرين ڪلاس لاءِ

## (ٽيچر گائيڊ)

ليکڪ/ سهيڙيندڙ

ابو عبدالله "ظهير"

زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي پاڪستان®

ڪراچي، سکر، لاهور

KARACHI 0332 6118855
SUKKUR 0334 8881071
LAHORE 0300 8070436
mehran_series@yahoo.com



# فهرست



| سبق | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 01 | گيت ڏٿيءَ جا گڏجي ڳايون (بيت) | 03 |
| 02 | الله سائين | 05 |
| 03 | اسان جو پيارو نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 07 |
| 04 | اسان جو خاندان | 09 |
| 05 | سچ ڳالهاءِ (بيت) | 12 |
| 06 | اسان جو وطن | 15 |
| 07 | مادرِ ملت محترمہ فاطمہ جناح | 17 |
| 08 | تارا (بيت) | 19 |
| 09 | اسان جو ڳوٺ | 22 |
| 10 | انڌ لٺ | 25 |
| 11 | جاندار ۽ بي جان شيون | 27 |
| 12 | آواز (بيت) | 29 |
| 13 | وقت ڪم ۽ جايون | 32 |
| 14 | انب | 34 |
| 15 | سنيون عادتون | 36 |
| 16 | ڀلا ٻڌاءِ تہ ڇا آهي؟ (بيت) | 38 |
| 17 | اکبوٺ راند | 41 |
| 18 | ڏسو ۽ ٻڌايو | 42 |
| 19 | شينهن ۽ ڪوئو (تصويري ڪهاڻي) | 44 |
| 20 | دعا (بيت) | 46 |

سبق پهريون

# گيت ڏَٽِيءَ جا ڳَڌِجي ڳايُون! (بيت)

گِيت ڏٽيءَ جا ڳڌجي ڳايون!
جو تو ٿڌڙا مينهن وَسائي،
بَاغن ۾ جو اَنب پچائي،
ويس گلن کي جو پهرائي،

حوالو: هي شعر گيت ڏٽيءَ جا ڳڌجي ڳايون مان ورتو ويو آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اسان کي الله سائين جي تعريف ڪرڻ گهرجي. جيڪو ٿڌڙا مينهن وسائي ٿو، باغن ۾ ميوا پچائي ٿو ۽ گلن کي رنگ بخشي ٿو.

اَنَ پچائي، گاهَ اُپائي،
عَرش ۾ جو تارا ٽِمڪائي،
تنهن مالڪ کي سڀ ساراهِيُون،
گيت ڏٽيءَ جا ڳڌجي ڳايُون!

حوالو: هي شعر گيت ڏٽيءَ جا ڳڌجي ڳايون مان ورتو ويو آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته الله سائينءَ اناج ۽ ميوا پيدا ڪيا آهن. اهوئي عرش ۾ تارا ٽمڪائي ٿو. اسان کي ڳڌجي ان مالڪ جي ساراهه ڪرڻ گهرجي.

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڏٽي | مالڪ | اُپائي | پيدا ڪري |
| ساراهيون | ساراهه ڪيون | عرش | آسمان |
| پهرائي | پرائي | ويس | ڪپڙا |



**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: ٿڌڙا مينهن ڪير ٿو وسائي؟
جواب: ٿڌڙا مينهن الله سائين وسائي ٿو.
سوال2: عرش ۾ تارا ڪير ٽمڪائي ٿو؟
جواب: عرش ۾ تارا الله سائين ٽمڪائي ٿو.
سوال3: اسان کي ڪنهن جي ساراهه ڪرڻ گهرجي؟
جواب: اسان کي الله سائين جي ساراهه ڪرڻ گهرجي.

**(ج) پڙهو ۽ ورجايو**

| | | |
|---|---|---|
| گِيتُ، گِيتَ | مِينهُن، مينهَن | اَنبُ، انبَ، |
| ويسُ، ويسَ، | اُپُ، اُپَ، | اَنُ، اَنَ، |
| عَرشُ، عَرِشَ، | مالِڪُ، مَالِڪَ، | گُلُ، گُلَ، |
| گاهُ، گاهَ، | تارو، تارا، | باغُ، باغَ |

**(د) اڪر ملائي لفظ ناهيو.**

| | |
|---|---|
| جيئن: ع + ر + ش = عرش | م + ا + ل + ڪ = مالڪ |
| ٿ + ڌ + ڙ + ا = ٿڌڙا | ب + ا + غ + ن = باغن |
| ا + پ + ا + ئي = اپائي | ڳ + ڌ + ج + ي = ڳڌجي |

**(ھ) هن نظم ۾ ڪهڙين شين جو ذڪر ڪيل آهي؟**

هن نظم ۾ باغن، گلن، اناج، گاهه، تارن، ميون ۽ مينهن جو ذڪر ڪيل آهي.

**(و) سڃاڻو ۽ ميون جا نالا ٻڌايو.**

انگور، صوف، اناس، نارنگي، ڏاڙهون، چڪو، آلو بخارا، زيتون، زردالو وغيره

سبق ٻيو

# اَللهُ سائِين

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| خالق | پيدا ڪندڙ | علم | ڄاڻ |
| ٻاجهارو | رحم ڪندڙ | عقل | سمجهه |
| رسائي | پهچائي | عبادت | بندگي |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: توکي ۽ مونکي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟
جواب: توکي ۽ مونکي الله سائينءَ پيدا ڪيو آهي.
سوال2: الله سائين ڪٿي آهي؟
جواب: الله سائين هر هنڌ موجود آهي.
سوال3: سج، چنڊ ۽ تارا ڪنهن پيدا ڪيا آهن؟
جواب: سج، چنڊ ۽ تارا الله سائينءَ پيدا ڪيا آهن.
سوال4: اسان کي روزي ڪير رسائي ٿو؟
جواب: اسان کي روزي الله سائين رسائي ٿو.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) الله تعاليٰ موجود آهي:
(i) آسمان تي (ii) زمين تي ✓(iii) هر هنڌ

(2) اسان جو خالق ۽ مالڪ آهي:
✓ (i) الله (ii) نبي (iii) فرشتو

(3) اسان کي عِلم ۽ عقل ڏنو آهي:
(i) والدين ✓ (ii) الله (iii) دوست



**(د) اکر ملائي لفظ ٺاهيو:**

سـ + ڳ + و+ ر + و = سڳورو
چ + نـ + ڊ = چنڊ
شـ + يـ + و + ن = شيون
ع + لـ + م = علم

**(هہ) مثال موجب مڪمل ڪريو ۽ اکر سڃاڻي سندس آواز ادا ڪريو.**

| | | اکر | آواز |
|---|---|---|---|
| مثال: | سج | س ج | سِ جُ |
| | عِلمُ | ع ل م | عِ لِ مُ |
| | عَقُلُ | ع ق ل | عَ قُ لُ |
| | شُڪُرُ | ش ڪ ر | شُ ڪُ رُ |
| | مَدَدَ | م د د | مَ دَ دَ |

**(و) سامهون ڏنل لفظ چونڊي خال ڀريو:**

(1) هو اسان سڀني جو **خالق** ۽ مالڪ آهي. — مدد
(2) هن اسان کي **علم** ۽ عقل ڏنو آهي. — علم
(3) سج، **چنڊ ۽** تارا بہ هن ئي پيدا ڪيا آهن. — خالق
(4) اسان کي گهرجي تہ ان جو **شڪر** ادا ڪيون. — شڪر
(5) ان کان ئي **مدد** گهرون. — چنڊ

سبق ٽيون

# اسان جو پيارو نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| يتيم | جنهن جي ماءُ وفات ڪري وڃي | پالنا | پرورش |
| سلڇڻا | سٺن اخلاقن وارا | پائيندو | تعريف ڪندو |
| پرايو | حاصل ڪيو | خاندان | ڪٽنب |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: اسان جي پياري نبي ﷺ جو نالو ڇا آهي؟

جواب: اسان جي پياري نبي ﷺ جو نالو حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ آهي.

سوال2: پاڻ سڳورا ﷺ ڪٿي پيدا ٿيا؟

جواب: پاڻ سڳورا ﷺ مڪي شريف ۾ پيدا ٿيا.

سوال3: پاڻ سڳورا ﷺ ڪھڙي خاندان ۾ ڄاوا؟

جواب: پاڻ سڳورا ﷺ قريش خاندان ۾ ڄاوا.

سوال4: پاڻ سڳورن ﷺ جي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟

جواب: پاڻ سڳورن ﷺ جي پيءُ جو نالو حضرت عبدالله آهي.

سوال5: پاڻ سڳورن ﷺ جي امڙ جو نالو ڇا آهي؟

جواب: پاڻ سڳورن ﷺ جي امڙ جو حضرت بيبي آمنہ آهي.

سوال6: پاڻ سڳورن ﷺ جي ڏاڏي جو نالو ڇا آهي؟

جواب: پاڻ سڳورن ﷺ جي ڏاڏي جو حضرت عبدالمطلب آهي.

سوال7: پاڻ سڳورن ﷺ کي ننڍي هوندي ڪنهن پاليو؟

جواب: پاڻ سڳورن ﷺ کي ننڍي هوندي حضرت بيبي حليمه رضي الله عنها پاليو.



**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) پاڻ سڳورا ﷺ الله تعاليٰ جا نبي بڻجي آيا:

(i) پھريان (ii) پنجان (iii) آخري ✓

(2) پاڻ سڳورن ﷺ جي امڙ جو نالو آهي:

(i) بيبي آمنہ ✓ (ii) بيبي ساره (iii) بيبي حاجره

(3) پاڻ سڳورا ﷺ پيدا ٿيا:

(i) مديني ۾ (ii) مڪي ۾ ✓ (iii) جدي ۾

(4) الله تعاليٰ مٿن لاٿو:

(i) زبور (ii) انجيل (iii) قرآن شريف ✓

(5) قرآن شريف الله جو ڪتاب آهي:

(i) پھريون (ii) ٻيون (iii) آخري ✓

**(د) نوان لفظ ٺاهيو: جيئن نالو = نالا**

سنو-سنا سڳورو-سڳورا

لاٿو-لاٿا ڄائو-ڄاوا

**(هـ) هيٺ ڏنل لفظن جا شروعاتي اکر بدلائي نوان لفظ ٺاهيو.**

جيئن: ڄاوا: پا+وا = پاوا

سَڄُ: بَ+ڄُ = بَڄُ نَ + ڄُ = نَڄُ

پيارُ: تِ+يا + رُ= تِيارُ عَ + يا + رُ = عَيارُ

نانءُ: تا +نءُ = تانءُ ڪا + نءُ = ڪانءُ

سبق چوٿون

# اسان جو خاندان

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| خاندان | ڪٽنب | تعارف | سڃاڻپ |
| نيرن | ناشتو | آکاڻيون | ڪهاڻيون |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: اسان جي خاندان ۾ ڪيترا ڀاتي آهن؟
جواب: اسان جي خاندان ۾ ڇهه ڀاتي آهن.
سوال2: امان بابا اسان جي ڪهڙي مدد ڪندا آهن؟
جواب: امان بابا اسان جي گهرو ڪم ۾ مدد ڪندا آهن.
سوال3: گند ڪچرو ڪٿي اڇلائڻ گهرجي؟
جواب: گند ڪچرو ڪچري دان ۾ اڇلائڻ گهرجي.
سوال4: سٺيون عادتون ڪهڙيون آهن؟
جواب: سوير سمهڻ، سوير اٿڻ، ڏندن کي برش ڪرڻ، وارن کي تيل ڦڻي ڏيڻ ۽ پاڻ کي صاف سٿرو رکڻ سٺيون عادتون آهن.
سوال5: اسين سڀ پاڻ ۾ ڪيئن رهون ٿا؟
جواب: اسين سڀ پاڻ ۾ پيار محبت سان رهون ٿا.


**(ج) صحيح جواب چونڊيو:**

(1) جميلہ منهنجي ننڍي ______ آهي.
(i) ماسي (ii) چاچي (iii) ڀيڻ ✓
(2) اسان جي خاندان جا ڪل ڀاتي آهن.
(i) پنج (ii) ڇهه ✓ (iii) ست



(3) اسين ميون کي کائيندا آهيون.
(i) اوٻاري (ii) ڌوئي ✓ (iii) پچائي
(4) اسين گند ڪچرو ڦٽو ڪندا آهيون.
(i) رستي تي (ii) ڪچري دان ۾ ✓ (iii) هِتي هُتي
(5) اسين گهرجي ڪمن ڪار ۾ پنهنجي والدين جي ڪندا آهيون.
(i) نقصان (ii) سنڀال (iii) مدد ✓

**(د) هم آواز لفظ هڪٻئي سان ملايو.**




**(هـ) مناسب لفظ چونڊي جملا مڪمل ڪريو.**

(1) هي اسان جو اسڪول آهي. (جو، جا، جي)
(2) اسان جي خاندان ۾ ڇهه ڀاتي آهن. (جو، جا، جي)
(3) منجهند جواسڪول مان موٽي گهر ايندا آهيون. (جو، جا، جي)
(4) اسين گهر جي ڪمن ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ جي مدد ڪندا آهيون. (جو، جا، جي)

**(و) پنهنجي خاندان جو تعارف ڪرايو:**

- منهنجو نالو محمد عبدالله آهي.
- عاتڪہ منهنجي ننڍي ڀيڻ آهي.
- اسان جي خاندان جا ڪل پنج ڀاتي آهن.
- بابا سائين، امان ۽ منهنجي وڏي ڀيڻ عائشہ صديقہ.

(ز) پڙهو ۽ ورجايو:

- سوير اٿجي، سوير سمهجي
- گڏجي رانديون ڪجن.
- ماءُ پيءُ جو چيو مڃجي.
- پاڻ ۾ پيار ۽ محبت سان رهجي.



سبق پنجون

# سچ ڳالهاءِ (بيت)

ڪوڙ ڪان پنهنجو پاڻ بچايو،
اوهان هميشه سچ ڳالهايو.

حوالو: هي شعر سچ ڳالهاءِ بيت مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر اسان کي صلاح ڏئي ٿو ته هميشه سچ ڳالهايون ۽ ڪوڙ کان پاسو ڪريون.

ڪوڙ جي ٻيڙي ٻڏندي آهي،
سچ جي ٻيڙي ترندي آهي.

حوالو: هي شعر سچ ڳالهاءِ بيت مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته ڪوڙ جي ٻيڙي ٻڏي ويندي آهي. جڏهن ته سچ جي ٻيڙي هميشه ترندي آهي.

سچ سان هر دم رکجي چاهت،
سچ سان من کي ملندي راحت.

حوالو: هي شعر سچ ڳالهاءِ بيت مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته سدائين سچ سان چاهت رکڻ گهرجي. ڇو ته دل کي راحت سچ سان ملندي آهي.

ڪوڙو ماڻهو رهندو خوار،
سرهو رهندو آهي سچار.

حوالو: هي شعر سچ ڳالهاءِ بيت مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ ڪوڙو ماڻهو هميشہ خوار ٿيندو آهي جڏهن تہ سچار سدائين خوش گذاريندو آهي.

سچ سان "غازي" جيڪو هلندو،
ڏک نہ جيون ۾ سو پَسندو.

حوالو: هي شعر سچ ڳالهاءِ بيت مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر "غازي" چوي ٿو تہ جيڪو سچ سان هلندو اهو زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڏک نہ ڏسندو.

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| هميشہ | سدائين | چاهت | پيار |
| راحت | سڪون | خوار | بدنام |
| سرهو | خوش | جيون | زندگي |
| پسندو | ڏسندو | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: اسان کي پنهنجو پاڻ ڇا کان بچائڻ گهرجي؟
جواب: اسان کي پنهنجو پاڻ ڪوڙ کان بچائڻ گهرجي.
سوال2: اسان کي هميشہ ڇا ڳالهائڻ گهرجي؟
جواب: اسان کي هميشہ سچ ڳالهائڻ گهرجي.
سوال3: ڇاجي ٻيڙي ترندي آهي؟
جواب: سچ جي ٻيڙي ترندي آهي.
سوال4: ڇا سان مَن کي راحت ملندي آهي؟
جواب: سچ سان مَن کي راحت ملندي آهي.



سوال5: هن بيت مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟
جواب: هن بيت مان سچ ڳالهائڻ جي نصيحت ملي ٿي.

**(ج) هيٺين جا ابتڙ لفظ ٺاهيو:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪوڙو | **سچو** | سچ | **ڪوڙ** |
| ٻڌڻ | **ترڻ** | ڏک | **سک** |

**(د) لفظ ٺاهيو جيئن اچ مان اچو:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڳالهاءِ | **ڳالهايو** | رک | **رکو** |
| هل | **هلو** | بچ | **بچو** |

**(هہ) هيٺ ڏنل اکرن کي ترتيب سان لکو.**

ا ب ڀ ٿ ٻ
پ ٽ ت ث ٺ

ا ب ٻ ڀ ت
ٿ ٽ ٺ ث پ

**(و) پڙهو ۽ ورجايو:**

سدائين سچ ڳالهائڻ گهرجي.
ڪوڙو ماڻهو هميشہ خوار رهندو آهي.
سچ سان سدائين من کي راحت ملندي آهي.

سبق ڇهون

# اسان جو وطن

**مشق**

(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| پانت پانت | قسم قسم | وطن | ديس، ملڪ |
| ٻيلا | جهنگ | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: اسان جي وطن جو نالو ڇا آهي؟
جواب: اسان جي وطن جو نالو پاڪستان آهي.
سوال2: پاڪستان ڪنهن ٺاهيو؟
جواب: پاڪستان قائد اعظم محمد علي جناح ٺاهيو.
سوال3: پاڪستان جي قومي جهنڊي جو رنگ ڪهڙو آهي؟
جواب: پاڪستان جي قومي جهنڊي جو رنگ سائو ۽ اڇو آهي.
سوال4: پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو درياءُ ڪهڙو آهي؟
جواب: پاڪستان جو وڏي م وڏو درياءُ سنڌو درياءُ آهي.
سوال5: پاڪستان ۾ ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو رهن ٿا؟
جواب: پاڪستان ۾ سنڌي، پنجابي، پٺاڻ، بلوچ، سرائڪي ۽ ٻيا ماڻهو رهن ٿا.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) اسان جي ملڪ جو نالو آهي:
(i) تاجڪستان (ii) افغانستان (iii) پاڪستان ✓
(2) پاڪستان ٺاهيو:
(i) محمد علي جناح ✓ (ii) حفيظ جالنڌري
(iii) لياقت علي



(3) اسان سڀ آهيون:
(i) جاپاني (ii) پاڪستاني ✓ (iii) آمريڪي
(4) اسان جي ملڪ جو نشان آهي:
(i) چنڊ ۽ زمين (ii) چنڊ ۽ سج (iii) چنڊ ۽ تارو ✓

**(د) اکر ملائي لفظ ٺاهيو:**

مـ + يـ + د + ا + ن = ميدان
پـ + ا + ڇـ + يـ + و + ن = پاڇيون
سـ + نـ + يـ + ا + ل = سنيال
گ + هـ + ر + جـ + ي = گهرجي

**(هه) هيٺيان خال ڀريو:**

(1) اسان جي ملڪ جو نالو **پاڪستان** آهي.
(2) اسان جي ملڪ ۾ وڏا وڏا جبل، ٻيلا ۽ **درياء** آهن.
(3) پاڪستان ۾ **سنڌو درياء** نالي هڪ وڏي ندي وهي ٿي.
(4) **چنڊ** ۽ **تارو** اسان جي ملڪ جو نشان آهي.

**(و) مناسب لفظ لڳائي جملا مڪمل ڪريو.**

(1) پاڪستان اسان جو ملڪ **آهي**. (آهي، آهيان، آهن)
(2) اسان سڀ پاڪستاني **آهيون**. (آهن، آهيان، آهيون)
(3) مان روزانو اسڪول ويندو **آهيان**. (آهي، آهيان، آهن)
(4) سڀ پنهنجي ملڪ سان پيار ڪندا **آهن**. (آهي، آهيان، آهن)

سبق ستون

# مادرِ ملت محترمہ فاطمہ جناح

مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اُونو | خيال | تحريڪ | هلچل |
| عيوض | بدلي ۾، بدران | پرائي | حاصل ڪئي |
| مزار | قبر، مقبرو | سجاڳي | بيداري |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: محترمہ فاطمہ جناح ڪير هئي؟

جواب: محترمہ فاطمہ جناح قائد اعظم جي ننڍي ڀيڻ هئي.

سوال2: محترمہ فاطمہ جناح ڏندن جي ڊاڪٽري جي تعليم ڪٿان پرائي؟

جواب: محترمہ فاطمہ جناح ڏندن جي ڊاڪٽري جي تعليم ڪلڪتي جي ڪاليج مان پرائي.

سوال3: محترمہ فاطمہ جناح ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪيا؟

جواب: محترمہ فاطمہ جناح عورتن ۾ سجاڳي آڻڻ جا ڪم ڪيا.

سوال4: محترمہ فاطمہ جناح کي مادرِ ملت ڇو سڏيو ويندو آهي؟

جواب: محترمہ فاطمہ جناح کي قومي ڪمن ۾ مدد ڪرڻ جي ڪري ڪيس مادرِ ملت سڏيو ويندو آهي.

سوال5: محترمہ فاطمہ جناح جي مزار ڪٿي آهي؟

جواب: محترمہ فاطمہ جناح جي مزار ڪراچي ۾ قائد اعظم جي مقبري ڀرسان آهي.



**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) محترمہ فاطمہ جناح قائداعظم جي ______ ڀيڻ هئي.

✓ (i) ننڍي (ii) وڏي (iii) وچين

(2) محترمہ فاطمہ جناح شروعاتي تعليم _____ مان حاصل ڪئي.

✓ (i) ڪراچي (ii) ڪلڪتي (iii) بمبئي

(3) هن پنهنجي ياءُ جي _____ ڪمن ۾ تمام گهڻي مدد ڪئي.

(الف) گهرو ✓ (ii) قومي (iii) عوامي


(4) هن ملڪ جي ______ ۾ بہ سجاڳي آندي.

(i) ٻارن ✓ (ii) عورتن (iii) پوڙهن

(5) سندس مزار ______ ۾ آهي.

✓ (i) ڪراچي (ii) ڪلڪتي (iii) بمبئي

**(د) ٽپڪا ملائي رنگ ڀريو.**



سبق اٺون

# تارا ( بيت )

ڪاري رات ۾ نڪري تارا،
ڪيڏا لڳندا آهن پيارا.

حوالو: هي شعر بيت "تارا" مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته ڪاري رات ۾ نڪرندڙ تارا تمام گهڻا پيارا لڳندا آهن.

سورج ڪان ڪي وڏا ٿين ٿا،
سورج جهڙا ڪيئي تارا.

حوالو: هي شعر بيت "تارا" مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته ڪي تارا سج وانگر هوندا آهن ۽ ڪجهه تارا ته سج کان به وڏا هوندا آهن.

چمڪي ڪي ٿاهن چوپائي،
ٽيڙو، ڪَتي ۽ ڪي ٻارا.

حوالو: هي شعر بيت "تارا" مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته ڪي تارا پاڻ ۾ گڏجي چوپائي، ٽيڙو ۽ ڪتي وغيره ناهين ٿا.

تارن جي ڇا ڳالهه ٻڌايان،
گرم جسم جي آهن سارا.

حوالو: هي شعر بيت "تارا" مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.



تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته تارن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي ته اهي سڀ گرم جسم آهن.

رات جي سهڻي وقت ۾ "غازي"
چمڪي واٽ ونائن تارا.

حوالو: هي شعر بيت "تارا" مان ورتو ويو آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته تارا رات جي وقت ۾ چمڪن ٿا ۽ سندن چمڪ ۽ روشني سان واٽهڙن کي رستو ملي ٿو.

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سورج | سج | چوپائي | کٽ |
| ٽيڙو | ٽي تارا | سارا | سڀ |
| | واٽ | رستو | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: تارا ڪهڙي مهل نظر ايندا آهن؟
جواب: تارا رات جو نظر ايندا آهن.
سوال2: ڇا ڪي ستارا سج کان به وڏا هوندا آهن؟
جواب: جي ها، ڪي ستارا سج کان به وڏا هوندا آهن.
سوال3: تارا ڪهڙي قسم جسم هوندا آهن؟
جواب: تارا گرم جسم جا هوندا آهن.
سوال4: تارا ڪهڙي مهل واٽ ڏسيندا آهن؟
جواب: تارا رات جي مهل واٽ ڏسيندا آهن.

**(ج) اکر ملائي لفظ ٺاهيو:**

| | | |
|---|---|---|
| ل + ڳ + ن + د + ا = لڳندا | | ج + س + م = جسم |
| چ + م + ڪ + ي = چمڪي | | ڪ + ت + ي = ڪتي |
| و + ق + ت = وقت | | |


**(د) هيٺين لفظن جا جمع لکو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| تارو | تارا | پيارو | پيارا |
| ٻارو | ٻارا | سِڄُ | سڄَ |
| جِسمُ | جسمَ | | |

**(هه) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| سج | چنڊ | گرم | ٿڌو |
| رات | ڏينهن | وڏا | ننڍا |
| ڪاري | اڇي، سفيد | اونده | روشني |

**(و) ٽٻڪا ملائي رنگ ڀريو.**





سبق نائون

# اسان جو ڳوٺ

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| راز | ڳجهه | ڍڪڻ | واڍو |
| جام | گهڻا | ڏاريندا | پاليندا |
| جهجها | گهڻا | ڪپ | ڪنارو |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: ڳوٺ ۾ ماڻهو ڪهڙا ڪهڙا ڪم (ڌنڌا) ڪندا آهن؟

جواب: ڳوٺ ۾ ماڻهو رازڪو، ڍڪاڻڪو، لوهارڪو ۽ ڪنڀارڪو ڪم ڪندا آهن.

سوال2: ڳوٺ ۾ ڪهڙي پوک ٿيندي آهي؟

جواب: ڳوٺ ۾ ڪڻڪ، ڪمند، ساريون، داليون، ڦٽيون ۽ ڀاڄيون پوکيون وينديون آهن.

سوال3: پوک ڪير ڪندو آهي؟

جواب: پوک هاري ڪندو آهي.

سوال4: اسڪول ۾ ڇا حاصل ڪبو آهي؟

جواب: اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪبي آهي.

سوال5: ڳوٺ جا ماڻهو ڪيئن رهندا آهن؟

جواب: ڳوٺ جا ماڻهو پاڻ ۾ پيار سان رهندا آهن.

سوال6: ڳوناڻا ڪٿي نماز پڙهندا آهن؟

جواب: ڳوناڻا ڳوٺ واري مسجد ۾ نماز پڙهندا آهن.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) آئون هڪ ______ ۾ رهندو آهيان.

(i) ملڪ ✓ (ii) ڳوٺ (iii) شهر

(2) اسان جي ڳوٺ ۾ گهر آهن:

✓ (i) 100ڪن (ii) 200 ڪن (iii) 300 ڪن

(3) ڳوٺ ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ آهن:

(i) راند جا ميدان (ii) هنر ✓ (iii) اسڪول

(4) ڳوٺ جي ______ ٻنيون ۽ باغ آهن.

(i) اڳيان (ii) پويان ✓ (iii) چوڌاري

(5) اسان جو ڳوٺ ______ ڳوٺ آهي.

✓ (i) مثالي (ii) وڏو (iii) ننڍو

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ڳوٺ | شهر | عام | خاص |
| اڳيان | پويان | پرسان | پري |
| صاف | گندو / ميرو | | |

**(هـ) هيٺ ڏنل مذڪر لفظن جا مؤنث ٺاهيو:**

جيئن: ماستر ماسترياڻي

| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
|---|---|---|---|
| ڊاڪٽر | ڊاڪٽرياڻي | بورچي | بورچياڻي |
| نوڪر | نوڪرياڻي | هاري | هارياڻي |
| درزي | درزياڻي | ڌوٻي | ڌوٻياڻي |



**(و) هيٺ ڏنل لفظ هڪ منٽ ۾ درست اچار ۽ رواني سان پڙهو.**

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| گاهه | عرش | هوا | عقل | مدد |
| حڪم | امڙ | ادب | خيال | سلام |
| راحت | سچ | ڪوڙ | ٻيڙي | ملڪ |
| اوچو | چنڊ | جبل | ٻيلا | قوم |

**(ز) پنهنجي ڳوٺ بابت ڪجهه جملا لکو:**

اسان جو ڳوٺ هڪ مثالي ڳوٺ آهي. هتي سيئي ماڻهو هڪٻئي جو خيال رکندا آهن ۽ پيار محبت سان رهندا آهن. اسان جي ڳوٺ جي چوڌاري ٻنيون آهن. جتي مختلف فصل پوکيا ويندا آهن. اسان جو ڳوٺ سرسبز آهي. سيئي گڏجي هڪٻئي جي مدد پڻ ڪندا آهن.

سبق ڏهون

# انڊلٺ

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| برسات | مينهن | شفاف | صاف |
| فطرت | قدرت | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: انڊلٺ ڪڏهن نظر ايندي آهي؟

جواب: مينهن پوڻ کانپوءِ جڏهن سج جي روشني برسات جي شفاف ڦڙن تان گذرندي آهي تڏهن انڊلٺ نهندي آهي.

سوال2: انڊلٺ ۾ ڪهڙا رنگ هوندا آهن؟

جواب: انڊلٺ ۾ ست رنگ هوندا آهن.

واڱڻائي، سرمائي، نيرو، سائو، پيلو، نارنگي ۽ ڳاڙهو.

سوال3: انڊلٺ جو نظارو ڪيئن لڳندو آهي؟

جواب: انڊلٺ جو نظارو وڻندڙ هوندو آهي.

سوال4: توهان کي انڊلٺ جو ڪهڙو رنگ وڻندو آهي؟

جواب: اسان کي انڊلٺ جو سائو رنگ وڻندو آهي.

**(ج) هيٺيان خال پريو:**

(1) انڊلٺ ۾ **ست** رنگ هوندا آهن.

(2) انڊلٺ **فطرت** جو هڪ خوبصورت نظارو آهي.

(3) آسمان ۾ انڊلٺ **ڪمان** وانگر نظر ايندي آهي.

(4) ننڍڙا ٻار انڊلٺ ڏسي **خوش** ٿيندا آهن.



**(د) انڊلٺ جي رنگن کي ترتيب سان لکو.**

ڳاڙهو سائو سرمائي نيرو پيلو نارنگي واڱڻائي

**واڱڻائي سرمائي نيرو سائو**

**پيلو نارنگي ڳاڙهو**

**(هه) چا توهان ڪڏهن انڊلٺ ڏٺي آهي؟ اهو نظارو توهان کي ڪيئن لڳو.**

جي ها، مون انڊلٺ ڏٺي آهي. مون کي اهو نظارو تمام خوبصورت ۽ وڻندڙ لڳو.

سبق يارهون

# جاندار ۽ بي جان شيون

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جاندار | ساهه وارا | آسپاس | ويجهو ويجهو |
| ڏڌ | لسي | واڌ ويجهه | وڏو ٿيڻ |
| چرپر | حرڪت | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: جاندار ڇاکي چئبو آهي؟

جواب: جيڪي شيون ساهه کڻن، چرپر ڪن ۽ وڌن ويجهن انهن کي جاندار چئبو آهي.

سوال2: بي جان شيون ڇاکي چئبو آهي؟

جواب: جيڪي شيون ساهه نه کڻن، چرپر نه ڪري سگهن، واڌ ويجهه نه ڪن انهن کي بي جان شيون چئبو آهي.

سوال3: ڏڌ ۽ مکڻ ڇا مان ٺهندا آهن؟

جواب: ڏڌ ۽ مکڻ کير مان ٺهندا آهن.

سوال4: مڇيون ڪٿي رهنديون آهن؟

جواب: مڇيون پاڻي ۾ رهنديون آهن.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) اسان ماڻهو به ________آهيون.

✓ (i) جاندار (ii) بي جان (iii) ٻوٽا

(2) اسين آنا ڪائيندا آهيون.

✓ (i) ڪڪڙين جا (ii) ڪبوترن جا (iii) طوطن جا



(3) کير مان ٺهندا آهن.

(i) ٻاڇيون ۽ گاهه ✓ (ii) ڏڌ ۽ مکڻ (iii) ماکي ۽ مکڻ

(4) مڇيون رهنديون آهن.

✓ (i) پاڻي ۾ (ii) گهرن ۾ (iii) گند ڪچري ۾

(5) ________ چرپر نه ڪنديون آهن.

(i) جاندار شيون ✓ (ii) بي جان شيون (iii) ٻڳل شيون

**(د) هيٺين عبارت درست اُچارن ۽ رواني سان پڙهو.**

مون هڪ ٻڪري ڌاري آهي. ٻڪري کير ڏيندي آهي. سائو گاهه ۽ ان کائيندي آهي. مان روزانو ان کي جهنگ ۾ چارڻ ويندو آهيان.


**(هه) ياد رکو ته:**

پکي اڏامندا آهن.

مڇيون ترنديون آهن.

گهوڙا ڊوڙندا آهن.

**(و) هيٺيان جاندار آهن يا بي جان. جاندار جي سامهون ( ✓ ) جو نشان لڳايو:**



سبق ٻارهون

# آواز (بيت)

جڏهن ڪنهن بہ شيءِ ۾ ٿي لرزش اچي،
تڏهن تنهن مان پيدا ٿو آواز ٿئي.

حوالو: هي شعر "آواز" بيت مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ جڏهن شين ۾ لرزش ايندي آهي تڏهن انهن مان آواز پيدا ٿيندو آهي.

هي لهرن جي صورت ۾ ايندو بہ آهي،
پڙاڏو ٿي واپس هي ويندو بہ آهي.

حوالو: هي شعر "آواز" بيت مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ آواز لهرن جي صورت ۾ ايندو آهي ۽ موٽ ڪائي واپس ايندو آهي يعني پراڏو بڻجي ويندو آهي.

ٿئي ٿو هي هلڪو ڳرو پيو ٿئي،
ڪو آواز ٿلهو، سنهون پيو ٿئي.

حوالو: هي شعر "آواز" بيت مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ آوازن جا ڪيترائي قسم ٿين ٿا هلڪو، ڳورو، سنهو، ٿلهو وغيره.

ورن روشنيءَ جون، شعاعون جيئن،
ٿو آواز ٽڪرائجي، پيو ٿيئن.

حوالو: هي شعر "آواز" بيت مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.



تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ جيئن روشنيءَ جون شعاعون موٽ ڪائينديون آهن تهڙيءَ ريت آواز بہ موٽ ڪائيندو آهي.

اچو "غازي" گڏجي هي ڪيون واعدو،
وڄايون نہ ڏاڍيان ڪڏهن ساز ڪو.

حوالو: هي شعر "آواز" بيت مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ اسان اهو واعدو ڪريون تہ ڪڏهن بہ ڏاڍيان ڪو ساز نہ وڄائينداسين.

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| لرزش | ڏڏڻ | صورت | شڪل |
| پڙاڏو | آواز جي موٽ | ڳرو | ڳورو، وزني |
| ورن | موٽي اچڻ | ساز | موسيقيءَ جو آواز |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: آواز ڪيئن پيدا ٿيندو آهي؟
جواب: جڏهن شين ۾ لرزش ايندي آهي تہ آواز پيدا ٿيندو آهي.
سوال2: لهرن جي صورت ۾ ڇا ايندو آهي؟
جواب: آواز لهرن جي صورت ۾ ايندو آهي.
سوال3: شعاعون ڇا مان نڪرنديون آهن؟
جواب: شعاعون روشنيءَ مان نڪرنديون آهن.
سوال4: اسان کي ڪهڙو واعدو ڪرڻ کپي؟
جواب: اسان کي اهو واعدو ڪرڻ کپي تہ ڪڏهن بہ ڏاڍيان ڪو ساز نہ وڄائينداسين.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| هلڪو | ڳورو | ٿلهو | سنهو |
| اچڻ | وڃڻ | اٿڻ | ويهڻ |
| ڏاڍيان | هوريان | روشني | اوندھ |

(د) هيٺين لفظن جا جمع لکو.


| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| شيءِ | شيون | صورت | صورتون |
| آوازُ | آوازَ | شعاعُ | شعاعَ |
| واعدو | واعدا | پڙاڏو | پڙاڏا |

(هہ) هيٺ ڏنل بي معنيٰ لفظ پڙهي ٻڌايو:

تٺ ٿڊ ٿٻ پڳ رڄ

خڳ چڙڪ مپز چڪح ڏالڪ

(و) سڃاڻو ۽ نالا ٻڌايو:



ڏيڏر



ريل



ڪانءُ



سبق تيرهون

# وقت ۾ ڪمَ ۽ جايون

مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سوير | جلد | عبادت | بندگي |
| پَٽُ | زمين | فٽ پاٽ | پنڌ هلڻ جي جاءِ |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: اسڪول ۾ ڇا ڪبو آهي؟

جواب: اسڪول ۾ پڙهبو آهي.

سوال2: شام جو ڇا ڪبو آهي؟

جواب: شام جو راند ڪبي آهي.

سوال3: عبادت ڪٿي ڪبي آهي؟

جواب: عبادت مسجد ۾ ڪبي آهي.

سوال4: ڪم ڪار ڪهڙي مهل ڪبو آهي؟

جواب: ڏينهن جو ڪم ڪار ڪبو آهي.

**(ج) ڪهڙا ڪم ڪٿي ڪبا آهن تير وسيلي ملايو.**

| | |
|---|---|
| پڙهڻ | تلاءُ |
| ڪيڏڻ | خلا |
| وهنجڻ | اسڪول |
| اڏامڻ | ميدان |
| رهڻ | پَٽُ |
| ويهڻ | گهر |

**(د) صحيح جملي جي سامهون (✓) ۽ غلط جي سامهون (✗) جو نشان لڳايو:**

(1) صبح جو سمهبو آهي. (✗)

(2) اسڪول ۾ پڙهبو آهي. (✓)

(3) ميدان ۾ اڏامبو آهي. (✗)

(4) فٽ پاٿ تي هلبو آهي. (✓)



سبق چوڏهون

# اَنبُ

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| نعمت | انعام | شوق | چاهه |
| مند | موسم | سواد | لذت |
| اپت | ڪمائي | آچار | ڪٽاڻ |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: انب جو سواد ڪيئن ٿئي ٿو؟

جواب: انب جو سواد مٺو ٿئي ٿو.

سوال2: انب ڪهڙي مند ۾ ٿيندا آهن؟

جواب: انب گرميءَ جي مند ۾ ٿيندا آهن.

سوال3: انبن جا ڪهڙا ڪهڙا قسم آهن؟

جواب: سنڌري، چوسو، لنگڙو، انورٽول، سرولي، طوطاپوري وغيره.

سوال4: انبڙين مان ڇا ڇا ٺهندو آهي؟

جواب: چٽڻي، مربو ۽ آچار وغيره ٺهندا آهن.

سوال5: انبن جي مند ۾ انب جا وڻ ڇا سان ڀريل هوندا آهن؟

جواب: انبن جي مند ۾انب جا وڻ ٻور سان ڀريل هوندا آهن.

سوال6: توهان کي ٻيا ڪهڙا ميوا پسند آهن؟

جواب: اسان کي صوف، ڪيلا، ڏاڙهون پسند آهن.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. انب جو سواد ٿئي ٿو:

(i) ڪٺو (ii) مٺو ✓ (iii) کوڙو

2. انبڙيون هونديون آهن:

(i) ڪٺيون ✓ (ii) مٺيون (iii) کوڙيون

3. ________ جو انبڙين جو آچار سموري دنيا ۾ مشهور آهي.

(i) سکر ✓ (ii) شڪارپور (iii) حيدرآباد

4. اسان جي ملڪ ۾ انب جي پيداوار ٿئي ٿي:

(i) ٿوري ✓ (ii) عام جام (iii) بلڪل به نه

**(د) لفظ ٺاهيو**


جيئن: ميوو _ ميوا

| | | | |
|---|---|---|---|
| مربو | ڪتو | ڏاڍو | ڪوڙو |
| **مربا** | **ڪتا** | **ڏاڍا** | **ڪوڙا** |

**(هه) انب بابت پنهنجن لفظن ۾ ڪجھ لکو.**

انب هڪ بهترين ميوو آهي. انب منو ٿئي ٿو. انب گرمين جي موسم جي سوغات آهي. انب کي ميون جو بادشاهه به چيو ويندو آهي.

**(و) سڃاڻو ۽ نالا لکو:**






سبق پندرهون

# سٺيون عادتون

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| الله واهي | خدا حافظ | ورانڊو | اڱڻ |
| ماحول | موسمي حالت | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: عبدالله ڇو خوش خوش نظر پئي آيو؟

جواب: عبدالله انڪري خوش خوش نظر آيو جو ڪيس استاد سٺيون ڳالهيون ٻڌايون هيون.

سوال2: استاد ڪيس ڪهڙيون سٺيون ڳالهيون ٻڌايون؟

جواب: سوير سمجهي سوير اٿجي، ڏندن کي برش ڪجي، وارن کي تيل ڦڻي ڪجي، روزانو اسڪول وڃي.

سوال3: صفائي رکڻ ڇو ضروري آهي؟

جواب: صفائي رکڻ ان ڪري ضروري آهي ڇاڪاڻ ته صفائي سان بيماريون پيدا نه ٿينديون آهن.

سوال4: اسان کي ڀين جي مدد ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟

جواب: اسان کي ڀين جي ڪم ڪار ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ گهرجي.

سوال5: صاف سٿري ماحول مان ڇا ٿيندو آهي؟

جواب: صاف سٿري ماحول سان بيماريون پيدا نه ٿينديون آهن ۽ هرهڪ صحتمند رهندو آهي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) کاڌو سدائين کائڻ گهرجي:

✓ (i) وقت تي (ii) دير سان (iii) ٿڌو

(2) ڳالهائڻ مهل ________ نہ ڳالهائجي.

(i) آهستي (ii) ڏاڍيان ✓ (iii) تڪڙو

(3) صاف ماحول سان ________ بہ سٺي رهي ٿي.

✓ (i) صحت (ii) صورت (ii) سيرت

(4) اسڪول ۾ __________ جو ڏينهن ملهايو ويو.

(i) راندين ✓ (ii) صفائي (iii) ڪاڌن

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| محبت | نفرت | سٺي | خراب |
| تڪڙو | آهستي | خوش | ناخوش |
| وڃڻ | اچڻ | | |

**(هہ) پڙهو ۽ ورجايو:**

- ماءُ پيءُ، استاد ۽ وڏن جو ادب ڪجي.
- ڳالهائڻ مهل تڪڙو نہ ڳالهائجي، ٻئي جي ڳالهہ پوري طرح ٻڌجي.
- اسان کي پنهنجا گهر، اسڪول، پاڙا، گهٽيون صاف سٿرا رکڻ گهرجن.
- وڻ ۽ ٻوٽا پوکڻ گهرجن ۽ انهن جي سنڀال ڪرڻ گهرجي.
- هڪٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي.



سبق سورهون

# پيلا ٻڌاءِ تہ ڇا آهي؟ (بيت)

ماس بہ ناهي هڏ بہ ناهي،
ڪوئي پڙاڏو سڏ بہ ناهي.

حوالو: هي شعر ”پيلا ٻڌاءِ تہ ڇا آهي“ بيت مان کنيل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا ماس بہ ناهي ۽ هڏو بہ نہ آهي کو سڏ ۽ پڙاڏو بہ نہ آهي.

ڪير ٻڌائيندو هي ڇا آهي؟
ساڻ سيني سان رهندو آهي.

حوالو: هي شعر ”پيلا ٻڌاءِ تہ ڇا آهي“ بيت مان کنيل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ هي هر ڪنهن سان رهندو آهي ڪو ٻڌائي سگهي ٿو تہ اهو ڇا آهي؟

وڄڻ سان هي وڄبو ناهي،
جي ٽا گهٽايون گهٽبو ناهي.

حوالو: هي شعر ”پيلا ٻڌاءِ تہ ڇا آهي“ بيت مان کنيل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ هي وڄڻ سان وڄبو بہ ناهي ۽ جيڪڏهن گهٽائڻ چاهيون تہ گهٽبو بہ ناهي.

ڪٽندا آهيون، ڪڄندو ناهي،
ڦيرائڻ سان ڦرندو ناهي.

حوالو: هي شعر ”پيلا ٻڌاءِ تہ ڇا آهي“ بيت مان کنيل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ هن کي ڪٽڻ چاهيون تہ بہ نہ ٿا ڪٽي سگهون ۽ ڦيرائڻ سان ڦرندو بہ نہ آهي.

هلون تہ گڏ گڏ هلندو آهي،
جي ٿا بيهون بيهندو آهي.

حوالو: هي شعر ”پلا ٻڌاءِ تہ ڇا آهي“ بيت مان کنيل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ هي اسان سان گڏ گڏ هلندو آهي ۽ اسان جي بيهڻ سان هي بہ بيهي رهندو آهي.

سمجهي وياسون سولو آهي،
ان جو نالو پاڇو آهي.

حوالو: هي شعر ”پلا ٻڌاءِ تہ ڇا آهي“ بيت مان کنيل آهي. جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ اسان کي سمجھ ۾ اچي ويو تہ اهو پاڇو آهي.اهو تہ صفا سولو هو.

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ماس | گوشت | هڏ | هڏو |
| پڙاڏو | آواز جي موٽ | ساڻ | گڏ |

**(ب) هيٺين لفظن جا جمع لکو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| پڙاڏو | پڙاڏا | ماس | ماسَ |
| سولو | سولا | پاڇو | پاڇا |
| سَڌُ | سَڌَ | نالو | نالا |



(ج) **لفظ ٺاهيو:** جيئن خبر مان خبرون

رڍ **رڍون** ڪل **ڪلون**

ڪار **ڪارون** ڪل **ڪلون**

(د) **پهريون اکر بدلائي نوان لفظ ٺاهيو:** جيئن: گڏ = هڏ

ساڻ **پاڻ** نالو **تالو** رات **بات** سولو **چولو**

پاڇو **ڪاڇو** اڇو **ڪڇو**

(هہ) **هيٺيان خال ڀريو.**

(1) ماس بہ ناهي **هڏ** بہ ناهي.

(2) ساڻ **سيني** سان رهندو آهي.

(3) وڍجڻ سان هي **وڍبو** ناهي.

(4) هلون تہ **گڏ گڏ** هلندو آهي.

(و) **هيٺين عبارت درست اُچارن ۽ رواني سان پڙهو.**

منهنجي گهر جي ويجهو هڪ باغ آهي. مان ڪالهہ بابا سائينءَ سان گڏجي باغ گهمڻ وَيُس، باغ ۾ گل، ٻوٽا ۽ وڻ هئا. ڪجھ وڻن ۾ ميوا بہ هئا. هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ هئي. پکي بہ وڻن تي ٻولي رهيا هئا. مون کي باغ ۾ ڏاڍو مزو آيو.

سبق سترهون

# اَڪبُوت راند

مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڪوڪ | رڙ | آگ | وارو |
| اجهو | هاٽي | ڪاپي | وڃائجي |
| لطف | مزو | تفريح | وندر |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: اڪبوت راند ڪيئن کيڏبي آهي؟

جواب: اکين تي ڪپڙو ٻڌي ٻين ساٿين کي ڳوليو ويندو آهي.

سوال2: توهان کي ڪهڙي راند پسند آهي؟

جواب: اسان کي اٽي ڏڪر راند پسند آهي.

سوال3: ڪجهه ٻين راندين جا نالا ٻڌايو.

جواب: اٽي ڏڪر، نوڙي ٽپڻ، ڪرڪيٽ، گڏين راند وغيره.

**(ج) اکر ملائي لفظ ٺاهيو.**

ا + ک + ٻ + و + ٽ = اک ٻوٽ

ر + ا + ن + د = راند

ڪ + پ + ڙ + ي = ڪپڙي

ک + ا + پ + ي = ڪاپي



سبق ارڙهون

# ڏسوءِ ٻڌايو

مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: آنا ڪير ڏيندو آهي؟

جواب: آنا ڪڪڙيون ڏينديون آهن.

سوال2: ڪوئن جو دشمن ڪير آهي؟

جواب: ڪوئن جو دشمن ٻلي آهي.

سوال3: طوطي جا ٻول ڪهڙا هوندا آهن؟

جواب: طوطي جا ٻول مٺا هوندا آهن.

سوال4: ڪتو هر وقت ڇا ڪندو آهي؟

جواب: ڪتو هو وقت پوڪندو آهي.

**(ب) هيٺيان خال ڀريو:**

(1) ڪڪڙِ آنا ڏيندي آهي.

(2) چوزا ڪڪڙ جا ٻچا آهن.

(3) ٻلي ڪوئن جي دشمن آهي.

(4) ڪتو ڪيڏو نہ ڪنو آهي.

**(ج) هيٺين جا جمع ٺاهيو:**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| ڪڪڙِ | ڪڪڙيون | چوزو | چوزا |
| ٻلي | ٻليون | ڪتو | ڪتا |
| طوطو | طوطا | | |

**(د) پڙهو ۽ ورجايو:**

ڪجهه اهڙا جانور ۽ پکي هوندا آهن جن کي اسين پنهنجن گهرن ۾ پاليندا آهيون. اهڙن جانورن کي پالتو جانور يا پکي چئبو آهي. مثال طور: ڪڪڙيون، طوطو، ٻڪري، ٻلي، ڪتو وغيره.



سبق اوڻيهون

# شينهن ۽ ڪوئو (تصويري ڪهاڻي)

**مشق**

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: انهن تصويرن ۾ ڪهڙا ڪهڙا جانور آهن؟
جواب: ڪوئو ۽ شينهن
سوال2: ڪُئي ڇا ڏٺو؟
جواب: ڪئي شينهن کي ڄار ۾ ڦاٿل ڏٺو.
سوال3: ڪُئي ڄار کي ڪيئن ڪٽيو؟
جواب: ڪئي ڏندن سان ڄار کي ڪٽيو.
سوال4: هن آکاڻي مان اسان ڇا سکيو؟
جواب: هن آکاڻي مان اسان اهو سکيو ته اسان کي هڪٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنهن کي به گهٽ ۽ بيڪار نه سمجهڻ گهرجي.


**(ب) هيٺ ڏنل لفظن کي پنهنجن جملن ۾ استعمال ڪريو.**

| | |
|---|---|
| شينهن | مون ڪالهه هڪ شينهن ڏٺو. |
| ڄار | مهاڻو ڄار ۾ مڇيون ڦاسائي ٿو. |
| ڪترڻ | ڪئنچي ڪترڻ جو ڪم ڪري ٿي. |
| مدد | اسان کي هڪٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي. |

**(ج) پنهنجي پسند جي آکاڻي ٻڌايو.**

هڪ دفعي ڪنهن ڪانو کي اڃ لڳي. هن پاڻي جي ڳولها ڪئي. آخرڪار هن کي هڪ جڳ ۾ پاڻي نظر اچي ويو. جيئن اهو اتي پهتو ته جڳ مان پاڻي پيئي نه پئي سگهيو، ڇاڪاڻ ته ان ۾ پاڻي تمام ٿورو هو. هن پرسان پيل ڪجهه ننڍڙا پٿر جڳ ۾ وجهڻ شروع ڪيا. جنهن سان جڳ جو پاڻي مٿي چڙهندو آيو ۽ آخرڪار هن ان مان پاڻي پيتو ۽ پنهنجي اڃ اجهائي.

(د) رنگ ڀريو ۽ نالا ٻڌايو.









سبق ويهون

# دعا (بيت)

منهنجا منڙا مولا سائين،
شال تون منهنجي سمجهه وڌائين.

حوالو: هي شعر ”دعا“ نالي بيت مان ورتل آهي جنهن کي غلام محمد ”غازي“ لکيو آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله سائين کان دعا گهرندي چئي رهيو آهي ته اي منهنجا مولا منهنجي سمجهه وڌاءِ.

سونهن جا سهسين رنگ ٺاهيئي،
خوشبوءِ گلڙن منجهه سمايئي.

حوالو: هي شعر ”دعا“ نالي بيت مان ورتل آهي جنهن کي غلام محمد ”غازي“ لکيو آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله سائينءَ سان مخاطب ٿي ڪري چوي ٿو ته اي الله سائين تون سونهن ۽ ڪيترائي رنگ ٺاهيا آهن ۽ تون ئي گلن ۾ خوشبو پيدا ڪئي آهي.

چنڊ تارن جي جوت جلائيئي،
ڌرتيءَ تي ڇا روپ ڪلايئي.

حوالو: هي شعر ”دعا“ نالي بيت مان ورتل آهي جنهن کي غلام محمد ”غازي“ لکيو آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله سائين هم ڪلام ٿيندي چوي ٿو ته هي آسمان تي چنڊ ۽ تارن ۾ روشني تون پيدا ڪئي آهي ۽ ڌرتي تي پڻ هي ڪاروهنوار تون پيدا ڪيو آهي.

جر مان پاڻي جام وهايئي،
اُڀ تان ڦُڙ ڦُڙ مينهن وسايئي.

حوالو: هي شعر "دعا" نالي بيت مان ورتل آهي جنهن کي غلام محمد "غازي" لکيو آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله سائين سان مخاطب ٿي چوي ٿو ته جر مان پاڻي ڏيڻ وارو به تون ئي آهين ۽ آسمان مان مينهن به تون ئي وسائين ٿو.

تون آن مالڪ ساري جڳ جو،
تون آ خالق ساري جڳ جو.

حوالو: هي شعر "دعا" نالي بيت مان ورتل آهي جنهن کي غلام محمد "غازي" لکيو آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله سائين سان مخاطب ٿي چوي ٿو ته تون هن سموري ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهين.

سائين سهڻي واٽ ونائج،
"غازيءَ" کي منزل تي رسائج.

حوالو: هي شعر "دعا" نالي بيت مان ورتل آهي جنهن کي غلام محمد "غازي" لکيو آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله سائين هم ڪلام ٿيندي چوي ٿو ته اي رب مون کي سهڻو رستو ڏيکار ۽ منزل تي پهچاءِ.

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| شال | ڪاش | سهسين | ڪيترائي |
| منجهه | ۾ | سمائي | وجهي |
| جوت | روشني | روپ | نمونا |



| | | | |
|---|---|---|---|
| جام | گهڻا | جڳ | جهان |
| واٽ | رستو | رسائج | پهچاءِ |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

سوال1: اسان کي سمجهه ڏيڻ وارو ڪير آهي؟
جواب: اسان کي سمجهه ڏيڻ وارو الله سائين آهي.
سوال2: گلڙن ۾ خوشبوءِ ڪنهن سمائي آهي؟
جواب: گلڙن ۾ خوشبوءِ الله سائينءَ سمائي آهي.
سوال3: اُڀ تان برسات وسائڻ وارو ڪير آهي؟
جواب: اُڀ تان برسات وسائڻ وارو الله سائين آهي.
سوال4: سموري جڳ جو خالق ۽ مالڪ ڪير آهي؟
جواب: سموري جڳ جو خالق ۽ مالڪ الله سائين آهي.

**(ج) هيٺيان خال ڀريو:**

(1) جر مان پاڻي جام وهايئي.
(2) تون آن مالڪ ساري جڳ جو.
(3) تون آن خالق ساري جڳ جو.
(4) سائين سهڻي واٽ ونائج.

**(د) هيٺين لفظن جا جمع لکو:**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| گلڙو | گلڙا | واٽ | واٽون |
| تارو | تارا | روپ | روپَ |
| منزل | منزلون | رَنگُ | رنگَ |